# رزق ۾ اضافي جا سبب

05-January-2023



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

05 جنوري، 2023ء تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# رزق ۾ اضافي جا سبب

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگھندؤ...

✿... رِزق ۾ اضافي جا 2 روحاني وظيفا

✿... مال (دولت) جا ديني ۽ دنياوي فائدا

✿... آسمان ۽ زمين جون برڪتون ڪيئن مِلن؟

✿...مانيءَ جو احترام ڪيو...!!

✿... تنگدستي جا ڪجھ اسباب

پيشڪش

مجلس اَلمَدِينَةُ العِلمِيه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله    وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله    وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## دُرود شريف جي فضيلت

تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: ذِڪرِ الٰهي جي ڪثرت ڪرڻ ۽ مون تي درودِ پاڪ پڙهڻ تنگدستي (***Poverty***) کي دور ڪندو آهي.[1]

تم ہو جوَّاد و کریم، تم ہو رَءُوف و رَحیم
بھیک ہو داتا عطا، تم پہ کروروں درود

خَلق کے حاکم ہو تم، رِزق کے قاسِم ہو تم
تم سے ملا جو ملا، تم پہ کروروں درود[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب    صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ سچي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيندي آهي.[(3)]

اي عاشقانِ رسول! سٺين سٺين نيتن سان ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري ونون ٿا، مثال طور نيت ڪريو!

❁ رضاءِ الٰهي جي لاءِ مڪمل بيان ٻڌندس ❁ اَدَب سان ويهندس ❁ بيان دروان

---

1 القول البديع،باب الثانی،صفحہ:135

2 حدائقِ بخشش ،صفحہ:269۔

3... مسند فِرْدَوس، جلد:4، صفحہ:305، حديث:6895۔

سُستي کان بچندس ❁ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ❁ جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## رِزق ۾ اضافي جا 2 روحاني وظيفا

(1): هڪ ڀيري هڪ صحابي رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي خدمتِ ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائون: يا رسولَ الله صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ! دنيا مون کان منهن ڦيري ڇڏيو، پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ڪيس تنگدستي کان نجات جو روحاني وظيفو (*Spiritual Supplication*) ٻڌائيندي فرمايو: ڇا اها تسبيح اوهان کي ياد ناهي؟ جيڪا تسبيح ملائڪن جي آهي ۽ جنهن جي برڪت سان روزي ڏني ويندي آهي، طلوعِ فجر جي وقت 100 ڀيرا چوندو ڪر

سُبْحٰنَ اللّٰهِ وَبِحَمْدِهٖ سُبْحٰنَ اللّٰهِ الْعَظِيْمِ وَبِحَمْدِهٖ، اَسْتَغْفِرُ اللّٰه

اهو صحابي رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ وظيفو ٻڌي ڪري هليو ويو، ڪجھ ڏينهن کان پوءِ خدمتِ اقدس ۾ حاضر ٿي ڪري عرض ڪيائين: يارسولَ الله (صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ)! دنيا موٽ وٽ ايتري ڪثرت سان آئي، مان حيران آهيان ڪٿان ڪٿان ۽ ڪٿي رکان.[1]

(2): حضرت سهل بن سعد رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري هڪ شخص بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيو ۽ پنهنجي تنگدستي ۽ غريبي جي شڪايت ڪيائين. پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جڏهن تون پنهنجي گهر ۾ داخل ٿئين تہ گهر وارن کي سلام ڪر! جيڪڏهن گهر ۾ ڪوبہ نہ هجي تہ مون تي سلام عرض ڪر ۽ هڪ ڀيرو قُلْ هُوَاللّٰهُ اَحَدٌ (يعني مڪمل سورةِ اخلاص) پڙهندو ڪر.

---

1 خصائصُ الڪبرٰى، جلد:2، صفحہ:299

اهو صحابي رَضِیَ اللہُ عَنْہ هليو ويو ۽ ان تي عمل ڪيائون، جڏهن گهر ۾ داخل ٿيندو هو ته گهر وارن کي سلام ڪندو، پوءِ سورة اخلاص شريف پڙهندو هو، ان جي برڪت سان ان تي اهڙو ڪرم ٿيو، الله پاڪ ان کي ايترو ته مال عطا فرمايو جو هو پنهنجي پاڙي وارن (*Neighbors*) ۽ رشتيدارن (*Relatives*) جي به خدمت ڪرڻ لڳو.[1]

| | |
|---|---|
| شافعِ روزِ جزا تم پہ کروروں درود | دافعِ جملہ بلا تم پہ کروروں درود [2] |

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## رِزْق به هڪ نعمت آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! رزق به الله پاڪ جي ڏنل هڪ نعمت آهي. الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| فَاِذَا قُضِیَتِ الصَّلٰوۃُ فَانۡتَشِرُوۡا فِی الۡاَرۡضِ وَ ابۡتَغُوۡا مِنۡ فَضۡلِ اللّٰہِ (سيپارو: 28، سورة جمعه: 10) | ترجموڪنزالعرفان: پوءِ جڏهن نماز پوري ٿي وڃي ته زمين ۾ پکڙجي وڃو ۽ الله جو فضل تلاش ڪريو. |

يعني جڏهن نمازِ (جمعه) پوري ٿي وڃي ته هاڻي توهان جي لاءِ جائز آهي ته معاش جي ڪمن (*Livelihood*) ۾ مشغول ٿي وڃو.[3] هن آيتِ ڪريمه مان معلوم ٿيو: رِزق به الله پاڪ جو هڪ فضل آهي، ان جي نعمت آهي.

## مال جا ديني ۽ دنياوي فائدا

يقيناً مال جي محبت چڱي ناهي، مال جي محبت ماڻهوءَ کي هلاڪت

1 تفسير قرطبی،پاره:30، سورۂ اخلاص،زيرِ آيت:1،جلد:10، صفحه:4765 ـ
2 حدائقِ بخشش، صفحه:264ـ
3 تفسيرِ صراط الجنان،پاره:28، سورۂ جمعه، زيرِ آيت :10، جلد:10 ، صفحه:157ـ

(*Devastation*) ۾ وجهي ڇڏيندي آهي، باقي زندگي گذارڻ جي لاءِ مال، دولت، رِزق هجڻ بہ ضروري آهي ۞ ظاهر آهي مال هوندو تہ اسان زندگي جون بنيادي ضرورتون (*Basic Needs of Life*) پوريون ڪري سگهنداسين ۞ مال هوندو تہ پنهنجي، پنهنجي اهلِ خانہ (*Family*) جي، ٻارن ٻچن جي بهتر ڪفالت ڪري سگهنداسين ۞ مال هوندو تڏهن ئي پاڻ کي، ٻارن ٻچن کي تنگدستي، غريبي ۽ پِنڻ وغيره (*Begging*) کان محفوظ رکي سگهنداسين ۞ مال هوندو تہ رشتيدارن ۽ پاڙي وارن وغيره جا مالي حقوق (*Financial Rights*) ادا ڪري سگهنداسين ۞ مال هوندو تہ الله پاڪ جي رضا جي لاءِ ڪا مسجد يا مدرسو نهرائي سگهنداسين ۞ مال هوندو تہ حج بہ ادا ڪري سگهنداسين ۞ مال هوندو تہ اِنْ شَآءَ اللہُ الْکَرِیْم! مديني پاڪ جي حاضري بہ آسان ٿيندي ۽ ۞ ڪفايت جيترو حلال رزق هوندو تہ ان جي برڪت سان اِنْ شَآءَ اللہُ الْکَرِیْم! شيطاني چالن کان بچڻ بہ آسان ٿي ويندو.

## ڪُفر ۾ پوڻ جو هڪ سبب

الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: كَادَالْفَقْرُ اَنْ يَّكُوْنَ كُفْرًا يعني قريب آهي جو فقر (غُربت، محتاجي، تنگدستي) ماڻهوءَ کي ڪُفر ۾ وجهي ڇڏي.[1]

هونئن تہ مبارڪ حديثن ۾ غُربت جا ڪوڙ فضائل بيان ٿيا آهن، غربت بُري ناهي نهايت چڱي ۽ فائدي مند (*Beneficial*) آهي پر غُربت اها چڱي آهي جيڪا شڪر سان گڏ هجي، جڏهن غُربت سان گڏ شڪر جي جاءِ تي شڪايت ايندي آهي تہ غُربت هلاڪت جو سبب بڻجي ويندي آهي. پيٽ جي باھ نهايت خطرناڪ باھ آهي، اها ماڻهوءَ کي بي وَس (*Helpless*) ڪري ڇڏيندي آهي، جڏهن ماڻهو

1 شعب الايمان،جلد:5،صفحہ:267 ،حديث:6612۔

تي بُکَ جي آزمائش ايندي آهي تہ پاڻ کي سنڀالڻ، ايمان کي مضبوط رکڻ، ان امتحان ۾ استقامت سان ڪامياب ٿيڻ نهايت مُشڪل هوندو آهي، ڪيئي ماڻهو آهن جيڪي غُربت، محتاجي ۽ تنگدستي کان تنگ اچي ڪري الله پاڪ تي اعتراضات ڪرڻ لڳندا آهن، ڪُفريہ جُملا بڪندا آهن ۽ اهڙا بہ نادان دنيا ۾ آهن جيڪي پيٽ جي باهہ وسائڻ يا مال ۽ دولت جي لالچ سبب پاڻ کي ڪافر لکي ڇڏيندا آهن، پاڻ کي ڪافر لکي ڪري بيرونِ مُلڪ (*Overseas*) جون ويزائون بہ حاصل ڪيون ويندون آهن. (اَسْتَغْفِرُ الله! اَسْتَغْفِرُ الله!)

الله پاڪ اسان جو ايمان محفوظ فرمائي، اسان کي ايمان جي ڳسجڻ جي آفت کان محفوظ رکي. بهرحال! في زمانہ جيترو ممڪن ٿي سگهي محتاجي کان بچڻ ۽ ڪفايت جيترو حلال رِزق ڪمائڻ جي ڪوشش ڪرڻ ۾ ئي عافيت (*Safety*) آهي.

## شيطان جي خلاف رڪاوٽ

حضرت سُفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وڏا ڪامل ولي، عالِمِ باعمل هئا، سندن آخري وقت آيو تہ هڪ ٿيلهي ڪڍيائون، ان ۾ درهم ۽ دينار (يعني چاندي ۽ سون جا سِڪا) هئا، فرمايائون: هن کي راهِ خدا ۾ صدقو ڪري ڇڏيو! ماڻهن عرض ڪيو: سائين! اوهان تہ مال کان بچڻ جو درس ڏيندا هئا، اوهان پاڻ مال جمع ڪيو ان ۾ ڪهڙي حڪمت (*Wisdom*) آهي؟ فرمايائون: مان ان جي ذريعي شيطان جي چالن (*Tricks*) کي ناڪام بڻائيندو آهيان، جڏهن مون کي وسوسو ڏياريندو آهي تہ ڪٿان ڪائيندي تہ مان چوندو آهيان: مون وٽ مال آهي، ان کي خرچ (*Spend*) ڪري ونندُس.[1]

سُبْحٰنَ الـلّٰـه! يقيناً هي الله پاڪ جا نيڪ ٻانها آهن، انهن جا هي انداز اسان کي سمجهائڻ جي لاءِ ڪافي آهن. الله پاڪ اسان کي سمجهہ نصيب فرمائي.

---

1 تذكرة الاولياء، صفحہ:144 ملتقطاً۔

بهرحال! ڪفايت جيترو حلال رزق ڪمائڻ به جائز آهي ۽ پنهنجي حالات، باطني ڪيفيتُن ۽ توڪل جي درجي جي مطابق ضرورتاً مال جمع (***Accumulate***) ڪرڻ به جائز آهي. ان جون مختلف صورتون آهن، تفصيلي معلومات (***Detailed Information***) حاصل ڪرڻ چاهيو ٿا ته مڪتبةُ المدينہ جو ڪتاب "**حرص**" پڙهي وٺو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ديني معلومات جو انمول خزانو هٿ ايندو.

مِرا دل پاک ہو سرکار! دنیا کی محبت سے | مجھے ہو جائے نفرت کاش! آقا! مال و دولت سے [1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## هڪ سبق آموز حديثِ پاڪ

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان تنگدستي، محتاجي (***Destitution***) ۽ مُفلسي (***Poverty***) کان ڪيئن بچي سگهون ٿا؟ رِزقِ حلال ۾ اضافي جا سبب (***Sources***) ڪهڙا ڪهڙا آهن؟ ان جي باري ۾ مدني گُل ٻڌڻ کان پهريان اچو! هڪ ايمان اَفروز ۽ سبق آموز حديثِ پاڪ ٻڌون ٿا.

گذارش آهي ته هي حديثِ پاڪ اسان پنهنجي موجوده حالت (***Situation***) کي سامهون رکي ڪري ۽ جيڪو مالدار آهي اهو پنهنجي مالداريءَ کي سامهون رکي ڪري هي حديث شريف ٻڌي.

الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: دنيا 4 شخصن جي لاءِ آهي: (1): اهو ٻانهو جنهن کي الله پاڪ مال به عطا ڪيو ۽ علمِ دين (***Religious Knowledge***) جي دولت به عطا فرمائي، بَس هي مال جي معاملي ۾ الله پاڪ کان ڊڄندو آهي، رشتيدارن سان حسنِ سلوڪ ڪندو آهي ۽ الله پاڪ جي رضاء جي لاءِ مال جا حق ادا ڪندو آهي، هي ٻانهو افضل درجي ۾ آهي. (2):

1 وسائلِ بخشش،صفحہ:401۔

هڪ اهو ٻانهو آهي جنهن کي الله پاڪ علمِ (دين) جي دولت سان تہ نوازيو پر مال عطا نہ فرمايو پر اهو آهي سچي نيّت وارو، چوندو آهي: جيڪڏهن مون وٽ مال هجي ها تہ مان فلاڻي (نيڪ مالدار) جيان (نيڪين وارا) ڪم ڪيان ها. انهن ٻنهي جو ثواب برابر آهي (يعني هي غريب ۽ اهو مالدار جيڪو مال جا حقوق ادا ڪندو آهي، ثواب ۾ هي ٻئي برابر آهن، اهو مال خرچ ڪرڻ جي سبب، هي چڱي نيّت جي سبب). (3): هڪ اهو ٻانهو آهي جنهن کي الله پاڪ مال ڏنو پر علمِ (دين) عطا نہ فرمايو، بَس اهو پنهنجي مال ۾ بنا علم جي ملاوٽ ئي ڪندو آهي(يعني هر حرام ۽ حلال طريقي سان مال ڪمائيندو آهي ۽ هر حلال ۽ حرام جڳهہ خرچ ڪندو آهي، نہ پاڻ عالِم آهي، نہ عالمن جي مجيندو آهي)، (4): هڪ اهو ٻانهو آهي جنهن کي الله نہ مال ڏنو، نہ علمِ، اهو چوندو آهي: جيڪڏهن مون وٽ مال هجي ها تہ مان بہ ان فلاڻي (بُري مالدار) جهڙا ڪم ڪيان ها (مثال طور مان شراب پيئان ها، جُوا کيڏيان ها خوب عيش ڪيان ها)، تہ هي پنهنجي نيّت تي آهي ۽ انهن ٻنهي(يعني بُري مالدار ۽ جاهِل غريب) جو گناهہ برابر آهي.[1]

کهڙي سبق آموز حديثِ پاڪ آهي، اسان امير آهيون يا غريب، مالدار آهيون يا تنگدست، بهرحال عِلمِ دين اسان کي لازمي سکڻ گهرجي، مال هڪ باهہ آهي، جيڪو ان کي استعمال ڪرڻ ڄاڻي ٿو، ان جي لاءِ فائدي مند (***Useful***) آهي ۽ جيڪو ان جو استعمال نہ ٿو ڄاڻي، ان کي هي هلاڪ ڪري ڇڏيندو آهي، ان جي لاءِ امير، غريب سيني کي گهرجي تہ علمِ دين لازمي سکن. مشهور مفسرِ قرآن، حڪيمُ الامّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي تحت نهايت پياري دعا لکي آهي، فرمائن ٿا: الله پاڪ عثماني مال ڏي، ابو جهلي مال کان بچائي.[2]

**عُثماني مال:** يعني اهو مال جو ٻانهي وٽ علمِ دين بہ هجي، مال بہ هجي ۽ اهو حلال ذريعي سان مال ڪمائي، حلال جڳهہ تي خرچ (***Expense***) ڪري ۽ مال

1 ترمذی،کتاب:الزہد،باب:ما جاء مثل الدنیا مثل اربعة نفر،صفحہ:557 ،حدیث:2325۔
2 مرآۃ المناجیح،جلد:7 ،صفحہ:101۔

جي معاملي ۾ الله پاڪ کان ڊڄندي، سندس رضا حاصل ڪرڻ جي خاطر مال جا حقوق ادا ڪندو رهي. ۽ **ابوجهلي مال**: يعني اهو مال جو پاڻهي وٽ مال نہ هجي علمِ دين جي دولت نہ هجي، پاڻهو حرام ذريعي (***Illegal Means***) سان مال ڪمائي، حرام ۾ ئي خرچ ڪري، نہ الله پاڪ کان ڊڄي، نہ مال جا حقوق (***Rights of Wealth***) ادا ڪري. اسان بہ دعا ڪيون ٿا تہ الله پاڪ اسان کي عُثماني مال عطا فرمائي ۽ ابوجهلي مال کان هر دم محفوظ فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

| | |
|---|---|
| جاہ و جلال دو نہ ہی مال و مَنال دو | سَوزِ بلال بس مِری جھولی میں ڈال دو |
| دُنیا کے سَارے غم مرے دل سے نکال دو | غم اپنا یا حبیب! برائے بِلال دو[1] |

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اچو! رِزق ۾ اضافي جا سبب ٻڌون ٿا:

## رِزق ۾ اضافي جو سبب: اِسۡتِغفار جي ڪثرت

الله پاڪ پنهنجي محبوب نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي حڪم ڏنو تہ اي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اوهان فرمايو!

| | |
|---|---|
| اَنِ اسۡتَغۡفِرُوۡا رَبَّكُمۡ ثُمَّ تُوۡبُوۡۤا اِلَيۡهِ يُمَتِّعۡكُمۡ مَّتَاعًا حَسَنًا اِلٰۤى اَجَلٍ مُّسَمًّى<br>(سيپارو: 11، سورة هود: آيت: 3) | **ترجمو ڪنز العرفان**: ۽ هي تہ پنهنجي رب کان معافي گهرو پوءِ ان جي طرف توبهہ ڪيو تہ اهو توهان کي هڪ مقرر مدت تائين تمام سُٺو فائدو ڏيندو. |

يعني اي نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! ماڻهن کي هي حڪم ڏيو تہ توهان الله پاڪ

---

1 وسائلِ بخشش، صفحہ:305۔

ڪان گذريل گناهن جي معافي گهرو ۽ آئينده گناهه ڪرڻ کان توبهه ڪيو تہ جنهن پنهنجي گناهن کان پڪي توبهه ڪئي ۽ اخلاص سان ربّ ڪريم جو عبادت گذار بانهو بڻجي ويو تہ الله پاڪ ان کي رِزق جي گهٽائي ۽ عيش جي ڪثرت عطا فرمائيندو جنهن سبب اهو امن ۽ راحت جي حالت ۾ زندگي گذاريندو ۽ الله پاڪ ان کان راضي ٿيندو، جيڪڏهن دنيا ۾ ان کي ڪنهن مُشقت جو منهن ڏسڻو بہ پيو تہ الله پاڪ جي رضا حاصل ٿيڻ جي ڪري هي ان جي درجات جي بلندي جو سبب ٿيندي.[1]

## حضرت هود عَلَيهِ السَّلَام جي قوم کي نصيحت

سيپارو: 12، سورة هود، آيت: 52 ۾ آهي، الله پاڪ جي نبي حضرت هود عَلَيهِ السَّلَام پنهنجي قوم کي فرمايو:

يٰقَوْمِ اسْتَغْفِرُوْا رَبَّكُمْ ثُمَّ تُوْبُوْۤا اِلَیْهِ يُرْسِلِ السَّمَآءَ عَلَیْكُمْ مِّدْرَارًا وَّ یَزِدْكُمْ قُوَّةً اِلٰى قُوَّتِكُمْ وَ لَا تَتَوَلَّوْا مُجْرِمِیْنَ(۵۲)

(سيپارو: 12، سورة هود، آيت: 52)

ترجمو ڪنزالعرفان: اي منهنجي قوم! توهان پنهنجي رب کان معافي گهرو پوءِ ان جي بارگاهہ ۾ توبهه ڪيو پوءِ اهو توهان تي زوردار بارش موڪليندو ۽ توهان جي طاقت سان گڏ اجان طاقت وڌيڪ ڪندو ۽ توهان مجرم ٿي منهن نہ ڦيريو.

**تفسير صراطُ الجنان** ۾ آهي: جڏهن قومِ عاد حضرت هود عَلَيهِ السَّلَام جي دعوت قبول نہ ڪئي تہ الله پاڪ سندن ڪُفر جي سبب 3 سالن تائين بارش روڪي ڇڏي ۽ نهايت شديد قحط (***Famine***) ظاهر ٿيو ۽ انهن جي عورتن کي سنڍ (***Infertile***) ڪري ڇڏيو، جڏهن اهي ماڻهو تمام گهڻو پريشان ٿيا تہ حضرت هود

1 تفسيرِ صراط الجنان ،پاره:11،سورهٔ هود، زيرِ آيت:3، جلد:4،صفحه:393۔

عَلَيهِ السَّلام وعدو فرمايو تہ جيڪڏهن اهي الله پاڪ تي ايمان آڻين ۽ ان جي رسول جي تصديق ڪن ۽ ان جي حُضُور توبهہ ۽ اِستغفار ڪن تہ الله پاڪ بارش موڪليندو ۽ انهن جي زمينن کي سرسبز ۽ شاداب (*Lush Green*) ڪري تازي زندگي عطا فرمائيندو ۽ قُوت ۽ اولاد ڏيندو.

## حضرت نُوح عَلَيهِ السَّلام جي قوم کي نصيحت

اهڙيءَ طرح الله پاڪ جي نبي حضرت نُوح عَلَيهِ السَّلام پنهنجي قوم کي فرمايو:

اِسْتَغْفِرُوْا رَبَّكُمْ ؕ اِنَّهٗ كَانَ غَفَّارًا ﴿۱۰﴾ یُّرْسِلِ السَّمَآءَ عَلَیْكُمْ مِّدْرَارًا ﴿۱۱﴾ وَّ یُمْدِدْكُمْ بِاَمْوَالٍ وَّ بَنِیْنَ وَ یَجْعَلْ لَّكُمْ جَنّٰتٍ وَّ یَجْعَلْ لَّكُمْ اَنْهٰرًا ﴿۱۲﴾

(سيپارو: 29، سورة نوح: آيت: 10_11_12)

ترجمو ڪنزالعرفان: پوءِ مون چيو: (اي انسانو!) پنهنجي رب کان معافي گهرو بيشڪ اهو وڏو معاف فرمائڻ وارو آهي اهو توهان تي زوردار مينهن وسائيندو ۽ مالن ۽ پٽن سان توهان جي مدد ڪندو ۽ توهان جي لاءِ باغ بڻائي ڇڏيندو ۽ توهان جي لاءِ نهرون بڻائي ڇڏيندو.

پيارا اسلامي ڀائرو! هي 3 انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلام جا ارشاد آهن جيڪي الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ ذڪر فرمايا. پاڻ سڳورن صَلَّى الله عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي حڪم ٿيو تہ اي محبوب صَلَّى الله عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ! ماڻهن کي چئو! اِسۡتغفار ڪن، توبهہ ڪن، ان جي برڪت سان الله پاڪ رِزق ۾ وُسعت عطا فرمائيندو. **حضرت هود** عَلَيهِ السَّلام **پنهنجي قوم کي فرمايو:** اِسۡتِغفار ڪيو! الله پاڪ قحط سالي دور فرمائيندو، رِزق ۾ وُسعت (*Expansion*) عطا فرمائيندو. **اهڙيءَ طرح حضرت نوح** عَلَيهِ السَّلام **بہ پنهنجي قوم کي اهوئي فرمايو:** اِستغفار ڪيو! الله پاڪ قحط سالي دور فرمائيندو ۽ توهان کي رِزق، مال، اولاد عطا فرمائيندو.

هي 3 شاهديون آهن، ڪنهن جون؟ انبياءِ ڪرام عَلَيهِ السَّلام جون. ڪتي بيان ٿيون؟

قرآنِ ڪريم ۾. ھاڻي بہ جيڪڏھن اسان ان تي اعتماد نہ ڪيون. ھاڻي بہ اسان رزق ۾ اضافي جي لاءِ غلط واٽون اختيار ڪيون. جُوا (***Gambling***) جو سھارو وٺون. مسلمانن کي دوکو ڏيون. ماپ تور ۾ خيانت ڪيون. ناحق سوال ڪرڻ جو دروازو پاڻ تي کوليون. وياج جي ڏيون وٺون تہ اسان جھڙو نادان ڪير ھوندو. جُوا سان، وياج جي ڏي وٺ سان، مال ڪمائڻ جي لاءِ حرام رستا اختيار ڪرڻ سان مال وڌندو ناھي، جان جو وبال بڻجي ويندو آھي. ان ڪري جيڪڏھن اسان دنيا ۽ آخرت ۾ خوشحال زندگي (***Prosperous Life***) جا خواھش مند آھيون تہ گناھ ڇڏيون، توبھ استغفار ڪيون، اِنْ شَآءَاللہُ الْکَرِیْم! اللہ پاڪ ڪرم فرمائيندو.[1]

## ھر پريشاني کان نجات جو رستو

نبين جي تاجور، محبوبِ ربِّ اڪبر صَلَّی اللہ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جنھن اِسْتغفار کي پاڻ تي لازم ڪري ورتو اللہ پاڪ ان جي ھر پريشاني (***Hardships***) دور فرمائيندو ۽ ھر تنگي کان راحت عطا فرمائيندو ۽ ان کي اھڙي جڳھ تان رِزق عطا فرمائيندو، جتان ڪيس گمان بہ نہ ھوندو.

## تمام مسئلن جو ھڪ ئي حل

ھڪ ڀيري حضرت حسن بصري رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ وٽ ھڪ شخص آيو ۽ ان بارش جي گھٽتائي (***Shortage***) جي شڪايت ڪئي، پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ ان کي استغفار ڪرڻ جو حڪم ڏنو، ٻيو شخص آيو ۽ ان تنگدستي (***Poverty***) جي شڪايت ڪئي تہ ان کي بہ اھو ئي حڪم ڏنائون، پوءِ ٽيون شخص آيو ان ٻي اولادي جي شڪايت ڪئي تہ ان کي بہ ساڳيون ئي حڪ ڏنائون تہ اِستغفار ڪيو! پوءِ چوٿون شخص آيو ۽ ان پنھنجي زمين جي پيداوار (***Production***) گھٽ ٿيڻ جي شڪايت ڪئي

1 ابن ماجہ ،ڪتا ب: الادب ،باب: الاستغفار ،صفحہ:612، حديث:3819۔

تہ ان کي بہ فرمايائون اِستغفار ڪيو! حضرت ربيع بن صَبيح رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جيڪي اتي موجود هئا انهن عرض ڪيو: اوهان وٽ ڪجھ ماڻهو آيا ۽ انهن طرح طرح جون حاجتون (*Needs*) پيش ڪيون، اوهان سيني کي هڪ ئي جواب ڏنو تہ اِستغفار ڪيو! ان تي امام حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هي آيتون پڙهيون:[1]

اِسْتَغْفِرُوْا رَبَّكُمْ ۭ اِنَّهٗ كَانَ غَفَّارًا ۝۱۰ يُّرْسِلِ السَّمَآءَ عَلَيْكُمْ مِّدْرَارًا ۝۱۱ وَّيُمْدِدْكُمْ بِاَمْوَالٍ وَّبَنِيْنَ وَيَجْعَلْ لَّكُمْ جَنّٰتٍ وَّيَجْعَلْ لَّكُمْ اَنْهٰرًا ۝۱۲

(سيپارو: 29، سورة نوح: آيت: 10_11_12)

ترجمو ڪنزالعرفان: پوءِ مون چيو: (اي انسانو!) پنهنجي رب کان معافي گهرو بيشڪ اهو وڏو معاف فرمائڻ وارو آهي اهو توهان تي زوردار مينهن وسائيندو ۽ مالن ۽ پٽن سان توهان جي مدد ڪندو ۽ توهان جي لاءِ باغ بڻائي ڇڏيندو ۽ توهان جي لاءِ نهرون بڻائي ڇڏيندو.

## مينهن وسڻ لڳو

مسلمانن جو ٻيو خليفو حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْه جي دورِ خلافت ۾ هڪ ڀيري ڏڪار پيو، مينهن وسڻ بند ٿي ويو هو، حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْه مينهن جي لاءِ ماڻهن کي جمع ڪيو، ميدان ۾ تشريف وٺي ويا ۽ صرف استغفار ئي ڪندا رهيا، ان کان علاوه الله پاڪ کان ڪجھ نہ گهريائون. بَس! انهيءَ استغفار جي برڪت سان مينهن وَسي پيو. ماڻهن کي حيراني ٿي، چيائون: اي اميرُ المؤمنين! اسان مينهن جي دعا جي لاءِ آيا هئاسين، اوهان دعا تہ ڪئي ئي نہ. ان تي حضرت عُمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْه قرآنِ ڪريم جي هي آيت مبارڪ تلاوت فرمائي:[2]

1 تفسيرِ خازن،پاره:29 ،سورة نوح،زيرِ آيت :10 -11،جلد:4 ،صفحه:345۔
2 تفسيرِ خازن،پاره:29 ،سورة نوح،زيرِ آيت :10 -11،جلد:4 ،صفحه:345۔

اِسْتَغْفِرُوْا رَبَّكُمْ ؕ اِنَّهٗ كَانَ غَفَّارًا ۟ۙ يُّرْسِلِ السَّمَآءَ عَلَيْكُمْ مِّدْرَارًا ۟ۙ

(سيپارو: 29، سورة نوح: آيت: 10_11)

ترجمو كنزالعرفان: پوءِ مون چيو: (اي انسانو!) پنهنجي رب کان معافي گهرو بيشڪ اهو وڏو معاف فرمائڻ وارو آهي اهو توهان تي زوردار مينهن وسائيندو.

## اِستغفار جي عادت بڻائي وٺو!

اي عاشقانِ رسول! اِستغفار جي برڪت سان واقعي تنگدستي دور ٿيندي آهي، محتاجي ۽ غريبي کان نجات ملندي آهي. ان کان علاوه اِستغفار جا بيا بہ ڪوڙَ فائدا آهن، جهڙوڪ: اِستغفار جي برڪت سان دل جي ڪَٽُ (***Rust***) دور ٿيندي آهي.[1] گناهَ مِٽجندا آهن. اِستغفار جي برڪت سان پريشانيون دور ٿينديون آهن. مُشڪلاتن کان نجات ملندي آهي.[2] اللّٰہ پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جيڪو چاهي ٿو تہ ان جو اعمالنامو کيس خوش ڪري، تہ ان کي گهرجي تہ پنهنجي اعمالنامي ۾ اِستغفار جو اضافو ڪري.[3]

بڑی کوششیں کی گنہ چھوڑنے کی
رہے آہ! ناکام ہم یاالٰہی!
مجھے سچّی توبہ کی توفیق دیدے
پئے تاجدارِ حرم یاالٰہی[4]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اِسْتغفار ڪرڻ جو طريقو

اي عاشقانِ رسول! اسان کي بہ استغفار جي عادت بڻائي وٺڻ گهرجي.

1 معجم اوسط،جلد:5،صفحہ:152، حديث:6894۔
2 ابن ماجہ ،کتا ب: الادب ،باب: الاستغفار ،صفحہ:612، حديث:3819۔
3 معجم اوسط، جلد:1، صفحہ: 245، حديث:839۔
4 وسائلِ بخشش،صفحہ:110۔

استغفار جي معنٰي آهي: مَغفرت جي دعا ڪرڻ. اَسْتَغْفِرُ الله، اَسْتَغْفِرُ الله پڙهندا رهو، اَسْتَغْفِرُ اللهَ رَبِّيْ مِنْ كُلِّ ذَنْبٍ وَّ اَتُوْبُ اِلَيْهِ پڙهو، هي اِستغفار آهي. ان کان علاوه حديثن ۾ اِستغفار جا ٻيا بہ صيغہ بيان ٿيا آهن. هونئن تہ هلندي ڦرندي بہ اَسْتَغْفِرُ الله، اَسْتَغْفِرُ الله پڙهندا رهو، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! فائدو ٿيندو، باقي اسان ڪي باقاعده اهتمام سان بہ اِستغفار ڪرڻ گهرجي، مثال طور: وقت ۽ تعداد مقرر ڪري، مثال طور فجر کان بعد 100 ڀيرا، باوضو قبلي ڏانهن منهن ڪري، پنهنجي گناهن ۽ الله پاڪ جي رحمت تي نظرون جمائي، دل سان استغفار ڪيو، اِستغفار جي لاءِ ڪو وقت خاص ناهي، باقي رات جي پوئين پهر ۾ استغفار جي گهڻي فضيلت آهي جو ان وقت اِسْتغفار ڪرڻ نيڪ ماڻهن جو طريقو آهي، الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَالْمُسْتَغْفِرِيْنَ بِالْاَسْحَارِ ﴿۱۷﴾<br>(سيپارو: 3، سورة آلِ عمران: آيت: 17) | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ رات جي آخري حصي ۾ مغفرت طلب ڪرڻ وارا |

۽ سيپارو: 26، سورةُ الذاريات، آيت: 18 ۾ فرمايو:

| | |
|---|---|
| وَ بِالْاَسْحَارِ هُمْ يَسْتَغْفِرُوْنَ ﴿۱۸﴾<br>(سيپارو: 26، سورةُ الذاريات، آيت: 18) | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ رات جي آخري پهرن ۾ بخشش گهرندا هئا. |

معلوم ٿيو: پرهيزگار راتين جو اٿي ڪري، رات جي پوئين پهر ۾ نمازون پڙهندا آهن، توبھ ۽ استغفار ڪندا آهن اهي الله پاڪ جا نيڪ ٻانها آهن. الله پاڪ اسان ڪي بہ اهڙي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## رِزق ۾ اضافي جو ٻيو سبب: تقوٰي

سيپارو: 28، سورةُ الطلاق، آيت: 2 ۽ 3 ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَ مَنۡ يَّتَّقِ اللّٰهَ يَجۡعَلۡ لَّهٗ مَخۡرَجًا ۙ﴿۲﴾ وَّ يَرۡزُقۡهُ مِنۡ حَيۡثُ لَا يَحۡتَسِبُ ؕ وَ مَنۡ يَّتَوَكَّلۡ عَلَى اللّٰهِ فَهُوَ حَسۡبُهٗ ؕ

(سيپارو: 28، سورةُ الطلاق، آيت: 2 ۽ 3)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ جيڪو الله کان ڊڄي الله ان جي لاءِ نڪرڻ جو رستو بڻائي ڇڏيندو. ۽ ان کي اتان کان روزي ڏيندو جتان ان جو گمان بہ نہ هوندو ۽ جيڪو الله تي ڀروسو ڪري اهو ان کي ڪافي آهي.

دے حُسنِ اَخلاق کی دولت  
کر دے عطا اِخلاص کی نِعمت

مجھ کو خزانہ دے تقویٰ کا  
یااللہ! مری جھولی بھر دے[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو: تقوٰي اختيار ڪرڻ سان بہ رِزق ۾ اضافو ٿيندو آهي ۽ سُبْحٰنَ اللّٰـه! ڪهڙيون تہ برڪتون آهن جو جيڪو پرهيزگاري اختيار ڪندو آهي، ان کي رِزق اُتان ڏنو ويندو آهي، جتان ان جو گمان بہ نہ هجي.

ڪڏهن ڪڏهن اسان سان ائين ٿي ويندو آهي، سيئي دروازا بند ٿي ويندا آهن، مثال طور پيسن جي سخت ضرورت آهي، ڪم ڪٿان نٿو ٿي. نوڪري هئي، ختم ٿي وئي، دڪان نهرايو، هليو ئي نہ. بازَ بُکَ ۾ تڙپي رهيا آهن. پاءُ کان اوڌر گهري، ان مدد نہ ڪئي. دوستن کان مدد گهري، انهن بہ نہ ڪئي. سيئي ئي دروازا بند، ڪا سمجھ نہ ٿي اچي، ڪيون تہ ڇا ڪيون، رِزق جو دروازو کُلي تہ ڪٿان کُلي، اهڙي موقعي تي ٻانهو هزار رستا تلاش ڪندو آهي پر ان کي

1 وسائلِ بخشش،صفحہ:123۔

ڪو رستو نظر ئي ناهي ايندو، ڪو طريقو ناهي ملندو، اچو! قرآنِ ڪريم جي طرف، قرآنِ ڪريم اسان کي رستو ڏيکاريو آهي، اهو ڪهڙو آهي؟ قرآن چوي ٿو: تقوٰي اختيار ڪيو! الله پاڪ توهان کي اتان کان رِزق عطا فرمائيندو، جتان توهان جو گمان بہ نہ هوندو.

## آسمان ۽ زمين جون برڪتون ڪيئن مِلن؟

تقوٰي جي معنٰي آهي: الله پاڪ کان ڊڄڻ، گناهن کان بچڻ. جيڪڏهن اسان تقوٰي اختيار ڪيون، الله پاڪ کان ڊڄون، گناهَ ڇڏيون، نيڪ ڪمن ۾ لڳل رهون تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ڪرم ٿي ويندو. الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَلَوْ اَنَّ اَهْلَ الْقُرٰۤى اٰمَنُوْا وَ اتَّقَوْا لَفَتَحْنَا عَلَيْهِمْ بَرَكٰتٍ مِّنَ السَّمَآءِ وَ الْاَرْضِ
(سيپارو: 9، سورة اعراف: آيت: 96)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ جيڪڏهن ڳوٺن وارا ايمان آڻن ها ۽ تقوٰي اختيار ڪن ها پوءِ ضرور اسان انهن تي آسمان ۽ زمين مان برڪتون کولي ڇڏيون ها.

يعني جيڪڏهن ڳوٺن وارا الله پاڪ، ان جي ملائڪَن، ان جي ڪتابَن، ان جي رسولن ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان آڻن ها ۽ خدا ۽ رسول جي اطاعت (***Obedience***) اختيار ڪن ها، جنهن شيءِ کان الله پاڪ منع فرمايو، ان کان رڪجي وڃن ها تہ ضرور اسان انهن تي آسمان ۽ زمين مان برڪتون کوليون ها ۽ هر طرف کان انهن کي ڀلائي پهچي ها، وقت تي فائدي مند بارشون ٿين ها، زمين مان فصل ميوا ڪثرت سان پيدا ٿين ها، رِزق ۾ اضافو ٿئي ها، امن ۽ سلامتي رهي ها ۽ آفتن (***Calamities***) کان محفوظ رهن ها.[1]

**معلوم ٿيو:** تقوٰي جي برڪت سان آسماني برڪتون بہ ملنديون آهن ۽ زميني

1 تفسيرِ صراط الجنان ،پاره:12،سورۂ اعراف، زيرِ آيت:96، جلد:3،صفحہ:386۔

برڪتون بہ ملنديون آهن، الله پاڪ اسان کي تقوٰي جي دولت نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

احکامِ شَرع پر مجھے دے دے عمل کا شوق | پیکر خلوص کا بنا یارب مصطفیٰ![1]

## رِزق ۾ اضافي جو سبب: عبادت

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي زندگي جو مقصد (***Purpose of Life***) الله پاڪ جي عبادت آهي. جيڪڏهن اسان عبادات جي لاءِ نيڪ ڪمن جي لاءِ وقت ڪڍون. پنج ئي نمازون باجماعت مسجد ۾ ادا ڪيون. نوافل جو وقت بہ ڪڍون. تلاوتِ قرآن جي لاءِ بہ وقت ڪڍون. نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ، علمِ دين سکڻ سيکارڻ، علاقائي دوري ۾ شريڪ ٿيڻ، درس ڏيڻ، ٻڌڻ، مدرسةُ المدينہ بالغان پڙهڻ، پڙهائڻ هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ. نمازِ فجر جي لاءِ جاڳائڻ مدني قافلن ۾ سَفر ڪرڻ ۽ ٻين نيڪ اعمال ڪرڻ جي لاءِ وقت ڪڍون تہ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دين ۽ دنيا جون بيشمار ڀلايون نصيب ٿينديون ۽ الله پاڪ چاهيو تہ رِزقِ حلال ۾ بہ اضافو ٿيندو، جيئن تہ حضرت ابو هريره رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي، رسولِ رحمت، قاسمِ نعمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: بيشڪ الله پاڪ فرمائي ٿو: اي ابنِ آدم! منهنجي عبادت جي لاءِ پاڻ کي فارغ ڪري ڇڏ! مان تنهنجي سيني کي غنٰي (يعني مالداري) سان ڀري ڇڏيندس ۽ تنهنجي محتاجي دور ڪري ڇڏيندس ۽ جيڪڏهن تون هي نہ ڪندين (يعني عبادت جي لاءِ پاڻ کي فارغ نہ ڪندين) تہ تنهنجو هٿ ڪم ڪار سان ڀري ڇڏيندس ۽ تنهنجي محتاجي دور نہ ڪندس.[2]

---

1 وسائلِ بخشش، صفحہ:131۔

2 ترمذی، ابواب صفة القيامة و الرقائق و الورع، صفحہ:585، حديث:2466۔

مشهور مفسرِ قرآنِ حڪيمُ الامّت، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه هن حديثِ پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: يعني اي ابنِ آدم! تون پنهنجي دل الله پاڪ جي عبادت ۽ اطاعت جي لاءِ خالي رکُ، دَست بَڪَار، دِل بَيَار تي عمل ڪر (يعني هٿ ڪمَ جي طرف ۽ دل ربِّ ڪائنات جي طرف رکُ تہ ان جي برڪت سان الله پاڪ تنهنجي غربت، محتاجي دور فرمائي ڇڏيندو). جيڪڏهن تو پاڻ کي دنيا جي فڪرن ۾ ئي لڳائي ڇڏيو، تنهنجي دل ۾ دنيا لهي وئي تہ تون ڪم گهٽو ڪندين، فڪر گهڻو ڪندين پر ملندو اهو ئي جيڪو تنهنجي مقدر ۾ آهي، تون مالدار ٿي ڪري بہ فقير ئي رهندين. مفتي صاحب رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه وڌيڪ فرمائن ٿا: الله پاڪ کان آخرت گهرو! دنيا پاڻ ئي ملي ويندي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! هن حديثِ پاڪ تي اهي نادان مسلمان بار بار غور ڪن. جيڪي مال ۽ دولت جي خاطر نمازون قضا ڪري ڇڏين ٿا. جماعت ڇڏڻ جي گناه ۾ مبتلا ٿيندا رهن ٿا ڪم ۾ گهٽتائي نہ اچي، مالي نقصان نہ ٿئي، ان ڪري رمضانُ المبارڪ جا روزا قضا ڪري ڇڏين ٿا، جنهن کي دنيا جو فڪر فرض علمِ دين سکڻ کان بہ محروم رکندو آهي، جيڪي ماٺهو ڪاروبار (*Business*)، دنياوي مصروفيتن جو بهانو (*Excuse*) بڻائي ڪري، مال جي لالچ جي ڪري نيڪ ڪمن کان دور رهندا آهن. هاءِ! جيڪو نادان دنياوي فڪرن ۾ ئي رهندو آهي، زندگي جي اصل مقصد يعني عبادت جي لاءِ، نيڪ ڪمن جي لاءِ وقت ناهي ڪيندو، اهو بَس دنيا جو ئي ٿي ڪري رهجي ويندو آهي، الله پاڪ ان کان فقيري، محتاجي کي دور ناهي فرمائيندو، ان کي ملندو اهو ئي آهي، جيڪو قسمت ۾ لکيل آهي پر ان جي زندگي فاني دنيا جي فضول فِڪرن ۾ تباھ (*Destroy*) ٿي ويندي آهي ۽ اهو خوش نصيب جيڪو آخرت جو فڪر ڪندو آهي، عبادت جي لاءِ وقت ڪيندو آهي، نيڪ ڪمن جي لاءِ وقت

1 مرآة المناجيح، جلد:7، صفحہ:14 -15 ـ

ڪيندو آهي، الله پاڪ ان جو سينو غِنٰي (مالداري) سان ڀري ڇڏيندو آهي، ان جي غربت، محتاجي ۽ فقيري کي دور فرمائي ڇڏيندو آهي.

ایسا کرم ہو نیکیوں میں دِل لگا کرے | پڑھتا ہوں گر نَماز بھی تو بے دِلی کے ساتھ[1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

# نرالي مزدوري، نرالي اُجرت

حضرت وهب بن مُنَبِّہ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: بني اسرائيل ۾ هڪ شخص هو، ڪفايت جيترو حلال رِزق ڪمائيندو هو ۽ باقي وقت عبادت ۾ گذاريندو هو.

هڪ ڀيري لاڳيتو ڪيئي ڏينهن تائين ڪيس ڪٿي به مزدوري (***Wage***) نه ملي ۽ حالت فاقہ ڪشي تي اچي پهتي پر ان همت نه هاري، هڪ ڏينهن هي نيڪ ٻانهو صبح جو سوير الله پاڪ جو نالو وٺي ڪري مزدوري جي ڳولا ۾ نڪتو پر ڪٿي به ڪو ڪم ڪونه مليس. آخرڪار ٿڪجي هارجي ڪري اهو درياء جي ويجهو آيو، وضو ڪيائين ۽ عبادت ۾ مصروف ٿي ويو. ائين ان سڄو ڏينهن نوافل پڙهندي گذاري ڇڏيو. شام جو جڏهن گهر پهتو ته گهر واري پڇيو: ڇا ڪو ڪم مليو؟ چيائين! ها! **اڄ مون نهايت ڪريم مالِڪ وٽ مزدوري ڪئي، ان واعدو ڪيو آهي ته هو مون کي تمام سُٺو بدلو (*Reward*) ڏيندو.**

اڳئين ڏينهن وري ڪمَ جي ڳولا ۾ نڪتو، ڪو ڪم نه مليس ته ٻيهر دريا جي ڪناري پهتو، وضو ڪيائين ۽ عبادت ۾ لڳي ويو، سڄو ڏينهن عبادت ۾ گذاريائين، شام جو گهر آيو گهر واري کيس خالي هٿين ڏٺو ته پڇيائين: اڄ ڇا ٿيو؟ چيائين: اڄ وري مون انهيءَ مالڪ وٽ مزدوري ڪئي آهي، هو وڏو ڪريم آهي، ان مون سان واعدو ڪري رکيو آهي ته مون کي هن مزدوري جو

1 وسائل بخشش، صفحہ:210۔

سُنو بدلو ضرور ڏيندو، منهنجي اجرت ان مالڪ وٽ گڏ ٿي رهي آهي. فاقن جي ماريل گهر واري جڏهن هي ڳالهه ٻڌي ته مٿس ميرجي پئي ته هتي ڪيئي ڏينهن کان فاقا هلي رهيا آهن، ٻارن جي حالت اهڙي ٿي وئي آهي جو ڏسي نه ٿي سگهجي. اسان ڪيئي ڏينهن کان هڪ گرهه (*Morsel*) تائين ناهي کاڌو ۽ تون جنهن مالڪ وٽ مزدوري ڪري رهيو آهين ان توکي اڄ به پگهار نه ڏني، هن طرح ڪيئن گذارو ٿيندو؟ گهر واريءَ جون ڳالهيون ٻڌي عابِد پريشان ٿي ويو، ٻار بُکَ جي سبب تڙپي رهيا هئا، ان جي پنهنجي حالت به قابِل رحم (*Pitiful*) هئي، خير! ان سڄي رات پاسا ورائيندي گذاري ۽ اڳئين صبح وري ڪم جي لاءِ نڪري ويو، ٿئين ڏينهن به ان کي ڪٿي ڪم نه مليو، پوءِ درياء تي ويو، وضو ڪيائين ۽ عبادت ۾ مصروف ٿي ويو. اڄ ان جي دل ڪجهه گهٽي ئي پريشان هئي، هو دل ئي دل ۾ سوچي رهيو هو ته اڄ به کاڌي پيتي جو انتظام نه ٿي سگهيو ته گهر وڃي ڪري گهر واري ۽ ٻارن کي ڪهڙو جواب ڏيندُس؟ پوءِ سندس يقين ان کي تسلي ڏني ته جنهن پاڪ پروردگار جي تون عبادت ڪندو آهين هو توکي مايوس (*Disappoint*) نه ڪندو. ان جي ذات تي ڪامل يقين رکُ، هو ضرور رِزق عطا فرمائيندو.

اهو ئي سوچيندي، ربِّ ڪائنات جي رحمت ۾ اميد لڳائي سجدا ڪندي سڄو ڏينهن گذري ويو، شام ٿي ته گهر جي طرف روانو ٿيو، جڏهن دروازي جي ويجهو پهتو ته ان کي گهر جي اندران کاڌو پچڻ جي خوشبو آئي ۽ ائين محسوس ٿي رهيو هو جڻ اندر نهايت خوشيءَ جو ماحول هجي، سڀ گهر وارا خوشيءَ سان ڳالهيون ڪري رهيا آهن. ڪيس يقين نه پئي آيو ته مان سچ ۾ پنهنجي گهر ۾ خوشيءَ جو ماحول محسوس ڪري رهيو آهيان ۽ منهنجي گهر مان کاڌي جي خوشبو اچي رهي آهي.

بهرحال! ان دروازو وڄايو ته سندس گهر واريءَ دروازو کوليو. هوءَ تمام گهڻي خوش هئي، پنهنجي مُڙس کي ڏسندي ئي چوڻ لڳي: جنهن مالڪ وٽ تون مزدوري ڪندو آهين، اهو ته واقعي نهايت ڪريم آهي، اڄ تنهنجي وڃڻ کان بعد ان جو قاصد (*Messenger*) آيو هو ان اسان کي ڪوڙ درهم ۽ دينار (يعني چاندي ۽ سون جا سڪا) ۽ عمده ڪپڙا ڏنا، اتو ۽ گوشت (*Meat*) وغيره به ڪافي مقدار ۾ ڏنائين ۽ چئي ويو آهي: جڏهن تنهنجو مُڙس اچي ته ان کي سلام ڏجان ۽ چئجانس ته تنهنجي مالڪ تنهنجو عمل قبول ڪري ورتو آهي، ۽ هو تنهنجي ان عمل کان راضي آهي، هي ان جو بدلو آهي جيڪو تو عمل ڪيو هو جيڪڏهن تون وڌيڪ عمل ڪري ها ته تنهنجو اجر به وڌايو وڃي ها.[1]

میں ہوں بندہ تُو ہے مولیٰ
تُو ہے قادِر میں ناکارہ

میں منگتا تُو دینے والا
یااللہ! مِری جھولی بھر دے[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جي رحمت تمام وڏي آهي، هو واقعي رحمٰن ۽ رحيم، مالِڪِ ڪريم آهي. ان جي حُضور مٿو جهڪائي ڪري ته ڏسو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْکَرِيْم! گهٽتائي نه رهندي. رِزق ۾ تنگي آهي، پريشانيون آهن، تڪليفون آهن، ڪجهه به آهي، پنهنجي ڪريم مالِڪ جي بارگاهه ۾ حاضري ڏيو! مسجد جو رخ ڪيو! عبادت جي لاءِ وقت ڪڍو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْکَرِيْم! ڪرم ٿي ويندو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

1 عيون الحکايات،صفحہ:172۔
2 وسائلِ بخشش، صفحہ:122۔

# رِزق ۾ اضافي جو سبب: رِزق جو قدر ڪرڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! رِزق ضايع ٿيڻ کان بچائڻ، رِزق جو قدر ڪرڻ ۽ احترام ڪرڻ جي برڪت سان بہ رِزق ۾ اضافو ٿيندو آهي. جيئن تہ شيخِ طريقت، اميرِ اهل سنت، حضرتِ علامہ مولانا محمد الياس عطّارقادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو مشهور ۽ معروف ڪتاب: فيضانِ سنّت، جلد اوّل صفحو: 263 تي آهي: زبردست مُحدث حضرت هُدبہ بن خالد رَحْمَةُ الله عَلَيْه کي بغداد جي خليفي مامُونُ الرّشيد پاڻ وٽ دعوت تي گهرايو، کاڌي کان فارغ ٿي ڪري کاڌي جا جيڪي داڻا وغيره ڪِري پيا هئا، حضرتِ هُدبہ بن خالد رَحْمَةُ الله عَلَيْه چونڊي چونڊي ڪري تناول فرمائڻ لڳا. بغداد جي خليفي مامُونُ الرّشيد حيران ٿي ڪري چيو: اي شيخ! ڇا اوهان جو اڃان تائين پيٽ ناهي ڀريو؟ فرمايائون: چونہ! اصل ۾ ڳالهہ هيءَ آهي تہ مون کي حضرت حمّاد بن سلمہ رَضِيَ الله عَنْه هڪ حديثِ پاڪ بيان فرمائي آهي: جيڪو شخص دسترخوان (*Dinning Mat*) تي ڪِريل ٽڪرن کي چونڊي چونڊي ڪري کائيندو، اهو تنگدستي کان بي خوف (*Fearless*) ٿي ويندو.[1] مان انهيءَ حديث مبارڪ تي عمل ڪري رهيو آهيان. هي ٻڌي ڪري مامون نهايت متاثر ٿيو ۽ پنهنجي هڪ خادم جي طرف اشارو ڪيائين تہ اهو 1 هزار دينار رومال ۾ ٻڌي ڪري کڻي آيو. مامون اهي دينار حضرت هُدبہ بن خالِد رَحْمَةُ الله عَلَيْه جي خدمت ۾ نذراني طور پيش ڪري ڇڏيا. حضرت هُدبہ بن خالِد رَحْمَةُ الله عَلَيْه فرمايو: اَلْحمد لِلّٰهِ! حديث مبارڪ تي عمل جي هٿون هٿ برڪت ظاهر ٿي وئي.[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! رِزق جو قدر ڪرڻ، رِزق کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ بہ رِزق ۾ اضافو جو سبب آهي. هاءِ! اڄڪلهہ رِزق جو احترام دلين مان ختم

---

1 تاريخ بغداد، جلد:4، صفحہ:312، رقم:2050۔

2 تاريخ اصبہان ،جلد:2،صفحہ:333 ۔

ٽيندو پيو وڃي، اَجُڪلهه رِزق جي بي قدري ۽ بي حرمتي (**Disrespect**) ڪان ڪھڙو گھر خالي آهي، بنگلن ۾ رهڻ وارن اربين پتي ڪان وٺي ڪري جھوپڙي (**Hut**) ۾ رهڻ واري مزدور تائين ان بي احتياطي (**Carelessness**) جو شڪار نظر ايندو آهي. شادي ۾ طرح طرح جي کاڌن جي ضايع ٿيڻ کان وٺي گھرن ۾ ٿانوَ ڌوئندي وقت جھڙيءَ طرح ڀاڄيءَ جي رَسُ (**Curry Broth**)، چانور ۽ ان جا ذرا وھائي ڪري مَعاذَ الله! ناليءَ جي حوالي ڪيا ويندا آهن، ڪاش رِزق جو احترام اسان جي دلين ۾ هجي ها ۽ کاڌي کي ضايع ٿيڻ کان بچائي وٺون ها.

## مانيءَ جو احترام ڪيو...!!

ياد رکو! رِزق جي بي قدري، ان جي بي حرمتي تنگدستي جو سبب آهي. مسلمانن جي پياري امڙ، حضرت عائشه صديقه رَضِیَ اللہُ عَنْھا فرمائن ٿيون: تاجدارِ مدينه، سلطانِ باقرينه صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنھنجي مڪانِ عاليشان ۾ تشريف وٺي آيا، مانيءَ جو ٽڪرو پيل ڏٺائون، ان کي کڻي ڪري صاف ڪيائون، پوءِ کائي ڇڏيائون ۽ فرمايائون: يَا عَائِشَةُ اَكْرِمِيْ كَرِيْمًا فَاِنَّهَا مَا نَفَرَتْ عَنْ قَوْمٍ قَطُّ فَعَادَتْ اِلَيْهِمْ يعني اي عائشه (رَضِیَ اللہُ عَنْھا)! سُٺي شيءِ جو احترام ڪيو جو هي شيءِ (يعني ماني) جڏهن ڪنهن قوم مان وئي آهي موٽي ڪري ناهي آئي.[1]

الله پاڪ اسان جي حال تي رحم فرمائي! اسان کي کاڌي جھڙي عظيم نعمتِ الٰهي جو خوب قدر ڪرڻ گھرجي ۽ ان سان گڏوگڏ کائڻ وقت کاڌي جي سنّتن ۽ آدابن جو به خوب خيال رکڻ گھرجي ڇوته اسان کائڻ وقت کاڌي جي سنّتن ۽ آدابن کي پيشِ نظر رکنداسين ته اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! نه صرف رِزق جي بي قدري کان بچڻ ۾ ڪامياب (**Successful**) ٿي وينداسين بلڪ دنيا ۽ آخرت جي ڀلائين سان

1 ابنِ ماجہ ،کتاب:الاطعمہ،باب:النہی عن القاء الطعام،صفحہ:545 ،حدیث:3353۔

گڏوگڏ رِزق ۾ خير ۽ برڪت جي نعمت سان بہ سرفراز ٿينداسين.

الله پاڪ اسان کي رِزقِ حلال نصيب فرمائي، اسان کي محتاجي ۽ تنگدستي کان محفوظ فرمائي ۽ ڪاش! اسان کي رِزق جو قدر نصيب ٿي وڃي.

اٰمِيۡن بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِيۡن صَلَّی اللہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! رِزق جو قدر ڄاڻڻ ۽ کاڌي جا آداب وغيره سکڻ جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جا ڪتابَ ۽ رسالا (1): تنگدستي ۽ رِزق ۾ بي برڪتي جو سبب (2): مانيءَ جو احترام (3): کاڌي جون 5 سنّتون (4): کاڌي جو اسلامي طريقو (5): کائڻ ۽ کارائڻ جي باري ۾ سوال جواب (6): ۽ شيخ طريقت، اميرِ اهل سنت، حضرتِ علامہ مولانا محمد الياس عطّارقادري دَامَتۡ بَرَکَاتُھُمُ الۡعَالِيَۃ جو مشهور ۽ معروف ڪتاب فيضانِ سنّت جو باب آدابِ طعام پڙهي وٺندا! اِنۡ شَآءَ اللہُ الۡکَرِيۡم! گهڻو سارو علمِ دين سکڻ جي لاءِ ملندو.

## رِزق ۾ اضافي جا وڌيڪ سبب

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان ٻڌو اِستغفار جي ڪثرت ڪرڻ، تقوٰي اپنائڻ، گناهن کان بچڻ، عبادت جي لاءِ دل کي فارغ رکڻ ۽ رِزق جو قدر ڪرڻ جي برڪت سان رِزق ۾ اضافو ٿيندو آهي. رِزق ۾ اضافي جا ٻيا بہ گهڻا سبب آهن: مثلاً: رشتيدارن ۽ (خاص طور ماءُ پيءُ) سان حسنِ سلوڪ ڪرڻ سان رزق ۾ برڪت ٿيندي آهي[1] قرآنِ پاڪ جون مختلف سورتون پڙهڻ جهڙوڪ: سورت مُلڪ، سورت مزمل، سورت واللّيل ۽ سورت اَلَمۡ نَشۡرح ۽ خاص طور سورت

1 بخاری،کتاب: الادب،باب: من بسط لہ فی الرزق...الخ،صفحہ:1495،حدیث:5986۔

واقعه جي تلاوت جو معمول (*Routine*) بڻائڻ به رِزق ۾ اضافي جو سبب آهي. اهڙيءَ طرح صدقو ۽ خيرات ڪرڻ سان به رِزق ۾ اضافو ٿيندو آهي. حديث پاڪ ۾ آهي: اِسْتَنْزِلُوا الرِّزْقَ بِالصَّدَقَةِ يعني صدقات جي ذريعي رزق تلاش ڪيو.[1] صبح سوير جاڳڻ (۽ فجر جي نماز ادا ڪرڻ) نعمتن ۾ اضافي جو باعث بڻجندو آهي. ماڻهن کان خوش طبعي ۽ چڱي انداز سان گفتگو ڪرڻ به رزق کي وڌائيندو آهي. پنهنجي گهر جي ماحول ۽ گهر جي ٿانوَن وغيره کي صاف سٿرو رکڻ رزق ۾ خير ۽ برڪت جو ذريعو آهن. پنجن ئي نمازن جي ادائيگي ۽ انهن ۾ خشوع ۽ خضوع، نماز جا واجبات، سنّتن ۽ آدابن جو پوري طرح لحاظ رکڻ به رزق ۾ خير ۽ برڪت جو ذريعو (*Source*) آهي. مسجد ۾ اَذان کان پهريان پهچڻ رزق ۾ خير ۽ برڪت جو ذريعو آهي. غير مُفيد (*Useless*) ۽ فضول ڳالهين کان بچڻ به رزق ۾ خير ۽ برڪت جو ذريعو آهي. رات ڏينهن الله پاڪ کان دعا گهرڻ ڏينهن جي شروعات ۾ گهر جي اندر بِسمِ الله ۽ سورت اخلاص پڙهي ونڃڻ. کائڻ کان پهريان ۽ بعد جو وضو (يعني هٿ منهن ڌوئڻ). دين جي احڪامن تي پابندي سان عمل ڪندي الله پاڪ جي اطاعت ڪرڻ. طهارت ۽ پاڪيزگي (*Cleanliness*) اختيار ڪرڻ. دسترخوان تي ڪِريل ٽڪرن کي چونڊي چونڊي ڪري کائڻ نمازِ تهجد پڙهندو رهڻ. توبه جي ڪثرت ڪندو رهڻ ۽ فجر جون سنّتون ۽ فرضن جي درميان 70 ڀيرا اِستغفار ڪرڻ. گهر ۾ آيةُ الڪرسي پڙهڻ ۽ ڪثرت سان درودِ پاڪ پڙهڻ. قرآنِ ڪريم ۽ ديني ڪتابَ مدرسي جي لاءِ وقف ڪرڻ. ٻين تائين علمِ دين پهچائڻ. جيتوڻيڪ قرآن جي هڪ آيت يا دين جو هڪ مسئلو هجي، ان سان به رزق ۾ خير ۽ برڪت ۽ وُسعت (*Expansion*) نصيب ٿيندي آهي.

---

1 شعب الايمان،جلد:2 ،صفحہ:74،حديث:1197۔

# تنگدستي جا ڪجھ ڪارڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! جهڙيءَ طرح روزيءَ ۾ برڪت جا سبب آهن اهڙيءَ طرح روزي ۾ تنگي جا بہ ڪجھ ڪارڻ آهن، جيڪڏهن انهن کان بچيو وڃي تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْکَرِيْم! روزي ۾ برڪت ئي برڪت ڏسندا. بنا هٿ ڌوئڻ جي کاڌو کائڻ. متي اگھاڙي کائڻ. اونداهي ۾ کاڌو کائڻ. دروازي تي ويهي ڪري کائڻ. ميت جي ويجهو ويهي ڪري کائڻ. جَنابت (يعني غسل فرض هجڻ جي حالت ۾) کاڌو کائڻ. کٽ تي بنا دسترخوان وڇائي کائڻ. ڏندن سان ماني ڪُترڻ. چيني يا مٽيءَ جا ڀڳل ٿانوَ استعمال ڪرڻ، انهن ۾ پاڻي پيئڻ (ياد رکو! ٿانوَ يا ڪوپ جي ڀڳل حصي جي طرف کان پاڻي، چانهہ وغيره پيئڻ مڪروهه آهي، متي جي ڀڳل يا اهڙا ٿانوَ جن جي اندروني حصي مان ٿورڙي مِٽي نڪتل هجي ان ۾ کاڌو نہ کائو جو ميراڻ ۽ دزي ۾ جراثيم (*Germs*) پيٽ ۾ وڃي ڪري بيمارين جو سبب بڻجي سگھن ٿا). جنهن ٿانوَن ۾ کاڌو کاڌو هجي اهي چڱي طرح صاف نہ ڪرڻ. جنهن ٿانوَ ۾ کاڌو کاڌو انهن ۾ هٿ ڌوئڻ. کاڌي پيتي جا ٿانوَ کُليل ڇڏي ڏيڻ (کاڌي پيتي جا ٿانوَ بِسمِ الله چئي ڪري ڍڪي ڇڏڻ گھرجن جو بلائون لهنديون آهن ۽ خراب ڪري ڇڏينديون آهن پوءِ اهو کاڌو ۽ مشروب بيماريون آڻيندو آهي). مانيءَ کي هن طرح رکڻ جو بي ادبي هجي ۽ پيرن ۾ اچي. اهڙيءَ طرح گھڻو سمهڻ جي عادت (ان سان جهالت بہ پيدا ٿيندي آهي) بي لباس ٿي ڪري سمهڻ. بي حيائي سان پيشاب ڪرڻ (ماڻهن جي اڳيان عام رستي تي بنا تڪلُف پيشاب ڪرڻ وارا غور ڪن) دسترخوان تي ڪِريل داڻا ۽ کاڌي جا ذرا وغيره کڻڻ ۾ سُستي ڪرڻ. بصر ۽ ٿوم جون گلون ساڙڻ. گھر ۾ ڪپڙن سان ٻهارو ڏيڻ. رات جو ٻهارو ڏيڻ. گند ڪچرو گھر ۾ ئي ڇڏي ڏيڻ. مشائخ (عُلماءِ دين ۽ نيڪ بزرگن) جي اڳيان هلڻ. والدين کي سندن نالي سان پڪارڻ. دروازي جي هڪ حصي کان ٽيڪ لڳائي ڪري ويهڻ. بيتُ الخلا (*Toilet*) ۾ وضو ڪرڻ. گھر ۾ ڪوريئڙي جا ڄارا ڇڏي ڏيڻ. نماز ۾ سُستي ڪرڻ. نمازِ فجر کان بعد

مسجد مان جلدي نڪري وڃڻ. صبح سوير بازار وڃڻ. دير سان بازار مان اچڻ. پنهنجي اولاد کي بد دعائون ڏيڻ. گناهه ڪرڻ. خاص طور ڪوڙ ڳالهائڻ. ﭘﮭَﮕل ڦٽي استعمال ڪرڻ. ماءُ پيءُ جي لاءِ دعاءِ خير نه ڪرڻ. عمامو ويهي ڪري ٻڌڻ. ۽ قميص يا شلوار بيٺي بيٺي پائڻ. نيڪ اعمال ۾ بهانا ڪرڻ.[1]

هي سڀ تنگدستي جا سبب آهن، الله پاڪ اسان کي تنگدستي کان محفوظ فرمائي، حلال رزق نصيب فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاہِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

عمل کا ہو جذبہ عطا یاالٰہی! | گناہوں سے مجھ کو بچا یاالٰہی![2]

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: مدني قافلو

پيارا اسلامي ڀائرو! دنيا ۽ آخرت جون ڀلايون ماڻڻ، نمازن جو پابند بڻجڻ، پنهنجي ۽ ٻين جي اصلاح جي ڪوشش ڪري ثواب جو ذخيرو جمع ڪرڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته (*Link up*) ٿي وڃو! 12 ديني ڪمن ۾ عملي طور حصو وٺو. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دين ۽ دنيا جون بيشمار ڀلايون نصيب ٿينديون. 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم مدني قافلو به آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! دين جي تبليغ جي لاءِ سڄي دنيا ۾ سنّتن کي عام ڪرڻ جي لاءِ، پاڻ نمازن جي پابندي ڪرڻ ۽ ٻين کي نمازن جو عادي بڻائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي تحت هر مهيني هزارين اسلامي ڀائرَ مدني قافلن ۾ سفر ڪندا ۽ مختلف علائقن ۾ وڃي ڪري نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندا آهن، اوهان به همت ڪيو، الله پاڪ جي دين کي وقت ڏيو،

---

1 فيضانِ سنت،صفحه:264 تا 266۔

2 وسائل بخشش ، صفحه:102۔

اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دنيا ۽ آخرت جون ڪوڙ ساريون ڀلايون نصيب ٿينديون. اچو! ترغيب جي لاءِ مدني قافلي جي هڪ مدني بهار ٻڌو!

## روزگار ملي ويو

ملتان (پنجاب، پاڪستان) جي رهائشي اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي ته مان ڪافي عرصو روزگار (*Employment*) جي تلاش ۾ رهيس، مختلف جاين تي انٽرويو به ڏنا پر ڪو جواب نه آيو. انهيءَ دوران منهنجي ملاقات دعوتِ اسلامي جي هڪ ذميدار اسلامي ڀاءُ سان ٿي، مان انهن جي اخلاص ۽ گفتگو جي انداز سان تمام گهڻو متاثر (*Impress*) ٿيُس، مون پنهنجي بي روزگاري (*Unemployment*) جي باري ۾ ٻڌايو، انهن تسلي ڏيندي ديني ماحول جي برڪتن ۽ مدني قافلي جي بهارن جو تذڪرو ڪيو ۽ مون کي به مدني قافلي جي ترغيب ڏياري. ڪجھ ئي ڏينهن کان بعد هڪ ڪمپني ۾ منهنجو انٽرويو هو، مون نيت ڪري ورتي ته انٽرويو کان بعد اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! 3 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر ڪندس. انٽرويو کان بعد مان 3 ڏينهن جي مدني قافلي جو مسافر بڻجي ويُس ۽ پنهنجي بي روزگاري جي باري ۾ الله پاڪ کان خوب روئي روئي ڪري پاڻ به دعائون گهريون ۽ مدني قافلي جي مسافر عاشقانِ رسول کان به دعائون ڪرايو. اڃان مدني قافلي جو ٻيو ڏينهن ئي هو ته مون کي خبر ملي اوهان انٽرويو (*Interview*) ۾ ڪامياب ٿي چڪا آهيو، مدني قافلي کان واپسي تي ڪجھ ڏينهن بعد ئي مون کي ڪمپني جي طرف کان ليٽر به ملي ويو. الحمد لله! مدني قافلي جي برڪت سان مون کي روزگار ملي ويو.[1]

| | |
|---|---|
| نوکری چاہئے، آیئے آیئے | قافلے میں چلیں، قافلے میں چلو |
| تنگدستی مٹے دور آفت ہٹے | لینے کو برکتیں، قافلے میں چلو[2] |

1 عجيب الخلقت بچی، صفحہ:13۔
2 وسائلِ بخشش، صفحہ:672-675۔

# ماهوار فيضانِ مدينہ جو هفتو

[*BOOKING WEEK OF MONTHLY MAGAZINE FAIZAN E MADINA*]

## 5 جنوري کان 12 جنوري 2023ء

ماهوار فيضانِ مدينہ اَلْحَمْدُ لِلّٰه هڪ مڪمل فيملي اسلامي ميگزين آهي جيڪو هن وقت 7 زبانن اردو، عربي، انگريزي، گجراتي، بنگالي، هندي ۽ سنڌي ۾ جاري ٿي رهيو آهي. توهان بہ پنهنجو ميگزين سڄي سال جي لاءِ بُڪ ڪرايو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو.

## سالانہ بُڪنگ

| | | | |
|---|---|---|---|
| سادو ميگزين | 1700 روپيا (12شمارا) | عربي ميگزين | 1200 روپيا (سال جا 4 ميگزين) |
| رنگين ميگزين | 2500 روپيا (12 شمارا) | انگلش ميگزين | 3600 روپيا (12 شمارا) |

## بڪنگ ڪرائڻ جو طريقو

❁ شعبہ تقسيم رسائل جي ذميدارن کان رابطو ڪيو. ❁ پنهنجي شهر جي قريبي مڪتبة المدينہ تي بہ ساليانی بڪنگ ڪرائي سگهجي ٿي. ❁ مڪتبة المدينہ جي آفيشل ويب سائيٽ تي آن لائن بڪنگ ڪرائي سگهجي ٿي.

/https://maktabatulmadinah.com

❁ ڪيو آر ڪوڊ اسڪين جي ذريعي بہ بڪنگ ڪري سگهو ٿا. ❁ ڪال سينٽر تي رابطو ڪري بڪنگ ڪرائي سگهو ٿا. (بڪنگ جي وڌيڪ معلومات ۽ تجويزن جي لاءِ هن نمبر 0313-1139278 تي رابطو ڪري سگهجي ٿو.)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب          صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏي آڻيندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## گھٽ کائڻ سنّت آهي

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جڏهن بانهو پنهنجي کاڌي ۾ گهٽتائي ڪندو آهي ته ان جو سينو نور سان ڀريو ويندو آهي.[2]

اي عاشقانِ رسول! گهٽ کائڻ سنّت آهي اسان جا پيارا آقا، مديني وارا مصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جيستائين دنيا ۾ تشريف فرما رهيا، ڪڏهن به لاڳيتو 2 راتيون پيٽ ڀري نه کاڌائون پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ بکَ جي سبب پيٽ تي پٿر ٻڌندا هئا.

## کاڌي جي مقدار جي باري ۾ احڪام:

بُکَ رکي ڪري کائڻ سنّت آهي. جيتري بُک آهي، اوترو کائي وٺڻ مباح آهي (يعني ان ۾ نه گناهہ نه ثواب). پيٽ ڀري ڪري اوترو کائڻ جو پيٽ خراب ٿيڻ جو گمان هجي، حرام آهي. پيٽ ڀري اوترو کائڻ جو پيٽ خراب ٿيڻ جو انديشو نه هجي مڪروهہ آهي. غذا ۾ ايتري گهٽتائي ڪري ڇڏڻ جو فرائض جي ادائيگي

1 تاريخ مدينہ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔
2 جامع صغير، صفحہ:35،حديث:469۔

۾ خلل اچي، ناجائز آهي.[1]

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مکتبةُ المدينہ جو کتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو 91 صفحات جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنّتن سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سَفر بہ آهي.

غم کے بادَل چَھٹیں قافلے میں چلو
خوب خوشیاں ملیں قافلے میں چلو

رب کے در پر جُھکیں، اِلتجائیں کریں
بابِ رحمت کھلیں، قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

1 بہارِ شَرِیْعت، حصہ:16، جلد:3، صفحہ:374ملخصًا ۔

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري

# اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا. [2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا

1… افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

2… افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

ويندا آهن.[1]

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کِن بُزرگن کان نقل کن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

---

1… القول البديع، الباب الثانی، ص277

2… افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

3… القول البديع، الباب الاول، ص3125

4… الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِىَ اللّٰهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1… مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،10/254،حديث:17305

2… ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455